قومي حقن جي ترجمان" مظلوم عوام جي آواز کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائيندڙ

Facebook/DailyPakSouch

A B C Certified

سکر

روزاني

# پاڪ سوچ

ايڊيٽر ذوالفقار سولنگي

E-Mail: Paksouch8@gmail.com
Website: www.Paksouch.com

Cell: 0300-9319022
Ph: 021-32275108

(جلد: 8) جمعو 26 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 2 ربيع الثاني 1447ھ (شمارو: 152) (قيمت 20 روپيا)

## وفاقي محتسب جي نگراني هيٺ جيڪب آباد ۾ کُلي ڪچهري، عوام جو وڏو انگ شريڪ

### جيڪب آباد ۾ وفاقي محتسب جي کُلي ڪچهري، 100 کان وڌيڪ شڪايتون داخل، 35 جاءِ تي حل، عوام خوشيءَ جو اظهار ڪيو

### سيپڪو، نادرا، پاسپورٽ ۽ گيس ڪمپني جي نمائندن جي شرڪت، شهرين جا مسئلا ٻڌي فوري ڪارروائي لاءِ حڪم جاري ڪيا ويا

### سيد محمود علي شاهه چيو عوام جي مسئلن جو شفاف حل اسان جي ترجيح آهي، اهڙيون ڪچهريون ماڻهن کي سڌي رليف ڏين ٿيون

چيف رپورٽر سنڌ درشن لعل : وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي جي هدايتن تي وفاقي محتسب سکر ريجن جي ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه جي نگراني ۾ ميونسپل ڪاميٽي هال جيڪب آباد ۾ کُلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8




وفاقي محتسب جي نگراني هيٺ جيڪب آباد ۾ کُلي ڪچهري، عوام جو وڏو انگ شريڪ

بقايا ❊❊❊❊❊❊❊❊ 08

کُلي ڪچهري جو مقصد عوام کي سڌي طرح سرڪاري ادارن تائين رسائي فراهم ڪرڻ ۽ سندن مسئلن جو فوري حل يقيني بڻائڻ هو. ان موقعي تي مختلف اهم ادارن جا نمائندا شريڪ ٿيا، جن ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر آپريشن ڊويزن سيپڪو جيڪب آباد شفيق احمد، ايس ڊي او سيپڪو علي لاشاري، ريونيو آفيسر سيپڪو، زونل مينيجر ايس ايس جي سي ايل محمد ذوالفقار، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا نور ممتاز ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پاسپورٽ آفيس محمد قاسم شامل هئا. کُلي ڪچهري ۾ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شهرين طرفان 100 کان وڌيڪ شڪايتون ۽ مسئلا پيش ڪيا ويا، جن مان 35 شڪايتون جاءِ تي ئي حل ڪيون ويون جڏهن ته 20 شڪايتون وڌيڪ ڪارروائي لاءِ رجسٽر ڪيون ويون. ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه چيو ته وفاقي محتسب جو مقصد عوامي مسئلن جو فوري ۽ شفاف حل فراهم ڪرڻ آهي. هن شرڪت ڪندڙ ادارن جي نمائندن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته اهڙا عوامي قدم شهرين کي سڌو رليف مهيا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن.